SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 1989

SINDH ACT NO.I OF 1989

سنڌ سول سرونٽس (ترميم) ايڪٽ، 1988

THE SINDH CIVIL SERVANTS (AMENDMENT) ACT, 1988

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 13 جي ترميم
Amendment of section 13 of Sindh Act, XIV of 1973

3. 1988 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance VIII of 1988

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 1989

SINDH ACT NO.I OF 1989

سنڌ سول سرونٽس (ترميم) ايڪٽ، 1988

THE SINDH CIVIL SERVANTS (AMENDMENT) ACT, 1988

[9 فيبروري 1989]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ سول سرونٽس (ترميم) ايڪٽ، 1988 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 13 جي ترميم
Amendment of section 13 of

2. سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ، 1973 جي دفعہ 13 جي شق (i) ۾، سيمي ڪولن کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ ڪو بہ سرڪاري ملازم تيستائين رٽائر نہ ٿيندو جيستائين ڪيس سندس خلاف تجويز ڪيل قدم جي حقيقت

کان لکت ۾ آگاهہ نہ ڪيو وڃي ۽ ڪيس اهڙي قدم خلاف سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو فراهم نٿو ڪيو وڃي.	Sindh Act, XIV of 1973
3. سنڌ سول سرونٽس (ترميم) آرڊيننس، 1988 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.	1988 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي منسوخي Repeal of Sindh Ordinance VIII of 1988

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.